# جنازي نماز جو طريقو



شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# جنازي نماز جو طريقو

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**
**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**
**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**
**فون نمبر:** 021-34921389-90-91
*Email: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# جنازي نماز جو طريقو (حنفي)

شيطان کيتري بہ سستي ڏياري پر هي رسالو شروع کان آخر تائين پڙهو، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ انهيءَ جا فائدا اوهان پاڻ محسوس ڪندا.

## درود شريف جي فضيلت

رَحمتِ عالمِيانصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان بَرڪت نشان آهي: ”جيڪو مون تي هڪ پيرو دُرُود شريف پڙهندو آهي، **الله** تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قِيراط اَجر لکندو آهي ۽ قِيراط اُحُد جبل جيڏو آهي.“ (مصنف عبد الرزاق ج 1، ص 39، حديث 153)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ولي جي جنازي ۾ شرڪت جي برڪت

هڪ شخص حضرت سَيِّدنا سَري سَقطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي جي جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيو. رات جو خواب ۾ حضرت سَيِّدنا سَري سَقطي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ القَوِي جي زيارت ٿي تہ عرض ڪيائين: مافَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: **الله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي ۽ منهنجي جنازي ۾ شريڪ، جنازي نماز پڙهڻ وارن جي بخشش فرمائي ڇڏي. ان عرض ڪيو: يا سَيِّدي! مون بہ توهانجي جنازي جي نماز پڙهي هئي، تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ فهرست ڪڍي، ان ۾ ڏٺو تہ ان شخص جو نالو شامل نہ هو، وري ڄڏهن غور سان ڏٺائون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

تہ ان جو نالو حاشيي تي لکيل موجود هو. (تاريخ دمشق لابن عساکر ج 20 ص 198) اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عَقِيدتمندن جي بہ مَغفِرت

حضرت سَيِّدنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي کي وصال کان پوءِ حضرت قاسم بن مُنَبِّہ عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الرَّافِع خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني اللهعَزَّوَجَلَّ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: اللهعَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو: اي بِشر! توکي بلڪ تنهنجي جنازي ۾ جيڪي جيڪي شريڪ ٿيا، انهن کي بہ مون بخشي ڇڏيو تہ مون عرض ڪيو: ياربّ عَزَّوَجَلَّ مون سان محبت ڪرڻ وارن کي بہ بخش فرما، تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جي رحمت وڏيڪ جوش ۾ آئي ۽ ارشاد فرمايو: قيامت تائين جيڪي توسان محبت ڪندا، انهن سيني کي بہ مون بخشي ڇڏيو.

(تاريخ دمشق لابن عساکر ج 10، ص 225)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اعمال نہ دیکھے یہ دیکھا، ہے میرے ولی کے در کا گدا
خالق نے مجھے یوں بخش دیا، سبحٰن اللہ سبحٰن اللہ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله وارن سان نسبت رکڻ سعادت آهي، سندن ذِڪرِ خير رَحمت نازل ٿيڻ جو سبب، انهن جي صحبت بڻهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

جهانن جي لاءِ بابرڪت، انهن جي مَزارن جي زيارت گناهن جي بيمارين جو علاج ۽ انهن جي عقيدت آخرت جي نجات جو ذريعو آهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اسان کي به اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام سان عقيدت ۽ ڪامل ولي حضرت سَيِّدنا بِشر حافي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْكَافِي سان محبّت آهي. يا **الله** عَزَّوَجَلَّ انهن جي صدقي اسان جي به مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بِشر حافی سے ہمیں تو پیار ہے
ان شاءاللہ اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪفن چور

هڪ عورت جي جنازي نماز ۾ هڪ ڪفن چور به شامل ٿي ويو ۽ قبرستان گڏ ويجي، ان قبر جي جڳهه کي ذهن ۾ رکيو. جڏهن رات ٿي ته ان ڪفن چورائڻ لاءِ قبر کوٽي ته هڪدم مرحوم ڳالهائڻ لڳي، سُبحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! هڪ بخشش جو حقدار شخص هڪ بخشيل عورت جو ڪفن چورائي رهيو آهي، ٻڌ! الله تعاليٰ منهنجي به بخشش ڪري ڇڏي ۽ انهن تمام ماڻهن جي به جن منهنجي جنازي جي نماز پڙهي ۽ تون به انهن ۾ شريڪ هئين، (اهو ٻڌي، ان فوراً قبر تي مٽي وڌي ۽ سچيءَ دل سان توبهه تائب ٿي ويو) (شعب الايمان ج 7 ص 8 رقم 9261)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

## جنازي ۾ شريڪ ٿيندڙن جي بخشش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! نيڪ ٻانهن جي جنازي نماز ۾ حاضري ڪيتري قدر سعادتمندي جي ڳالهہ آهي، جڏهن بہ موقعو ملي بلڪ موقعو ڪڍي ڪري، مسلمانن جي جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي. ٿي سگهي ٿو ڪنهن نيڪ ٻانهي جي جنازي ۾ شامل ٿيڻ، اسانجي لاءِ مَغفِرت جو سبب بڻجي وڃي.

خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت تان قربان! جو جڏهن هو ڪنهن مرڻ واري جي مَغفِرت فرمائي ڇڏيندو آهي تہ ان جي جنازي سان گڏ هلڻ وارن کي بہ بخشي ڇڏيندو آهي. جيئن تہ حضرت سَيِّدنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ، سلطان باقرينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مؤمن شخص کي مرڻ کان پوءِ سڀ کان پهرين اها جزا ڏني ويندي تہ ان جي جنازي ۾ شريڪ ٿيندڙن سيني جي بخشش ڪئي ويندي.

(الترغيب والترهيب ج 4 ص 178 حديث 13)

## قبر ۾ پهريون تُحفو

سرڪارِ نامدار، شهنشاهِ ابرار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان ڪنهن پڇيو: مؤمن جڏهن قبر ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان کي سڀ کان پهريون ڪهڙو تُحفو ڏنو ويندو آهي؟ ان تي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ان جي جنازي نماز پڙهڻ وارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي.

(شعب الايمان ج 7 ص 8 رقم 9257)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعلي)

# جنتي جو جنازو

مني مني آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عافِيَّت نشان آهي: جڏهن ڪو جنّتي شخص فوت ٿي ويندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ حياء فرمائيندو آهي تہ انهن ماڻهن کي عذاب ڏئي جيڪي ان جو جنازو کڻي هليا ۽ جيڪي ان جي پنيان هليا ۽ جن ان جي جنازي نماز ادا ڪئي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 282 حديث 1108)

# جنازي سان گڏ هلڻ جو ثواب

حضرت سَيِّدنا داوٗد عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يا الله عَزَّوَجَلَّ جيڪو صرف تنهنجي رضا جي لاءِ جنازي سان گڏ هليو، ان جي جزا ڇا آهي؟ الله تعالي فرمايو: جنهن ڏينهن هو مرندو تہ فِرشتا ان جي جنازي سان گڏ هلندا ۽ مان ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندس . (شرح الصدور ص 97)

# اُحُد جبل جيترو ثواب

حضرت سَيِّدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ، سلطان باقرينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: جيڪو شخص (ايمان جي تقاضا سمجهي ڪري ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيّت سان) پنهنجي گهر کان جنازي سان گڏ هلي، جنازي نماز پڙهي ۽ دفن ٿيڻ تائين جنازي سان گڏ رهي تہ ان جي لاءِ بہ قيراط ثواب آهي، جنهن مان هر قيراط احد جبل جيترو آهي، ۽ جيڪو شخص صرف جنازي نماز پڙهي موٽي آيو، ان لاءِ هڪ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

قِيراط ثواب آهي. (صحيح مسلم ص 472 حديث 945)

## جنازي جي نماز عِبرت جو سبب آهي

حضرت سَيِّدنا ابوذر غِفاري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو فرمان آهي، مون کي نورِ مُجَسَّم، شاهِ بني آدم، رسول مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قبرن جي زيارت ڪريو تہ جيئن آخرت جي ياد اچي ۽ مردي کي وهنجاريو جو فاني جسم (يعني مئل جسم) کي ڇهڻ تمام وڏي نصيحت آهي ۽ جنازي نماز پڙهو تہ جيئن اها توهان کي غمگين ڪري ڇوتہ غمگين انسان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ڇانوَ ۾ هوندو آهي ۽ نيڪي جو ڪم ڪندو آهي. (المستدرڪ للحاڪم ج 1 ص 711 حديث 1435)

## مَيّت کي غسل ڏيڻ وغيره جي فضيلت

مولاءِ ڪائنات، حضرت سَيِّدنا علي المرتضي، شير خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو ڪنهن ميّت کي غسل ڏياري، ڪفن پارائي، خوشبو لڳائي، جنازو ڪڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪا ناقص ڳالهہ نظر اچي، ان کي لڪائي تہ اهو پنهنجي گناهن کان اهڙو پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن جنهن ڏينهن ماءُ جي پيٽان ڄائو هو. (سنن ابن ماجہ ج 2 ص 201 حديث 1462)

## جنازو ڏسي پڙهڻ وارو ورد

حضرت سَيِّدنا مالڪ بن انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جن کي وفات کانپوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پُڇا ڪئي: ما فَعَلَ اللهُ بِکَ؟ يعني **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام دُرودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ فرمايائون هڪ جملي جي سبب بخشي ڇڏيو جيڪو حضرت سَيِّدنا عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جنازي کي ڏسي چوندا هئا. (اهو جملو هي آهي) سُبۡحٰنَ الۡحَيِّ الَّذِی لَا یَمُوۡتُ (يعني اها ذات پاڪ آهي جيڪا زنده آهي انکي ڪڏهن موت نه ايندو) تنهن ڪري مان به جنازو ڏسي ائين ئي چوندو هئس ان جملي چوڻ جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ مون کي بخشي ڇڏيو. (احياء العلوم ج 5 ص 266 ملخصاً)

## آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم سڀ کان پهريون جنازو ڪنهن جو پڙهيو؟

جنازي نماز جي ابتدا حضرت سيدنا آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي دؤر کان ٿي. ملائڪن حضرت سيدنا آدم صفي الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي جنازي مبارڪ تي چار تڪبيرون پڙهيون. اسلام ۾ جنازي نماز جي واجب ٿيڻ جو حڪم مديني منوّر زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِیۡمًا ۾ نازل ٿيو. حضرت سيدنا اسعد بن زُراره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو وصال مبارڪ هجرت کان پوءِ نائين مهيني جي آخر ۾ ٿيو هو، اهو پهرئين صحابي جو جنازو هو، جنهن جي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جنازي نماز پڙهي. (فتاويٰ رضويه ج 5 ص 376، 375)

## جنازي جي نماز فرضِ ڪِفايه آهي

جنازي نماز فرضِ ڪِفايه آهي يعني ڪو هڪ به ادا ڪري وٺي ته سڀ بريءُالذمه، بي صورت ۾ جن جن کي خبر پئي ۽ انهن نه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

پڙهي تہ اهي سڀ گنهگار ٿيندا، ان جي لاءِ جماعت شرط ناهي، هڪ شخص بہ پڙهي تہ فرض ادا ٿي ويندو. ان جي فَرضيَّت جو انڪار ڪرڻ ڪُفر آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 825 ، عالمگيري ج 1 ص 162، درمختار ج 3 ص 120)

## جنازي نماز ۾ ٻہ رڪن ۽ ٽي سنتون آهن

ٻہ رڪن هي آهن (1) چار ڀيرا اَللّٰہُ اَکۡبَرُ چوڻ (2) قِيام.

(درمختار ج 3 ص 124)

ان ۾ ٽي سنّت مؤڪّده هي آهن (1) ثنا (2) درود شريف (3) مَيِّت لاءِ دعا. (بهار شريعت ج 1 ص 829)

## جنازي نماز جو طريقو (حنفي)

مقتدي هيئن نيّت ڪري: مان نيّت ڪريان ٿو هن جنازي نماز جي، واسطي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي، دُعا واسطي هن ميِّت جي، پٺيان هن امام جي. (فتاويٰ تاتار خانيہ ج 2 ص 153) هاڻي امام ۽ مُقتَدي ڀهريان ڪنن تائين هٿ کڻي ۽ اَللّٰہُ اَکۡبَرُ چوندي فورًا معمول مطابق دُن جي هينان هٿ ٻڌي ڇڏين ۽ ثنا پڙهن ان ۾ وتَعالیٰ جَدُّكَ کانپوءِ وَ جَلَّ ثَنَاءُكَ وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ پڙهن پوءِ بنا هٿ کڻڻ جي اَللّٰہُ اَکۡبَرُ چون پوءِ درود ابراهيم پڙهن ۽ وري بغير هٿ کڻڻ جي اَللّٰہُ اَکۡبَرُ چون ۽ دعا پڙهن (امام تڪبيرون بلند آواز سان چوي ۽ مقتدي آهستي باقي تمام اذڪار امام ۽ مقتدي سڀ آهستي پڙهن) دعا کانپوءِ اَللّٰہُ اَکۡبَرُ چئي، هٿ ڇڏي ڏين پوءِ ٻنهي پاسي سلام ڦيري ڇڏين. سلام ۾ ميّت، فرشتن ۽ نماز پڙهندڙن

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

جي نيّت ڪريو، جهڙي طرح ٻين نمازن جي سلام ۾ نيّت ڪئي ويندي آهي، هتي وڌيڪ اهو آهي تہ ميّت جي بہ نيّت ڪري.

(بهار شريعت ج 1 ص 829، 835)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بالغ مرد ۽ عورت جي جنازي جي دعا

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِحَيِّنَا وَمَيِّتِنَا وَشَاهِدِنَا وَغَآئِبِنَا |
| الاهي عَزَّوَجَلَّ بخش اسان جي هر زنده کي ۽ اسان جي هر فوت ٿيل کي ۽ اسان جي هر حاضر کي ۽ اسان جي هر غائب کي |
| وَصَغِيْرِنَا وَكَبِيْرِنَا وَذَكَرِنَا وَاُنْثَانَا ط |
| ۽ اسان جي هر ننڍي کي ۽ اسان جي هر وڏي کي ۽ اسان جي هر مرد کي ۽ اسان جي هر عورت کي |
| اَللّٰهُمَّ مَنْ اَحْيَيْتَهٗ مِنَّا فَاَحْيِهٖ عَلَى الْاِسْلَامِ |
| الاهي عَزَّوَجَلَّ تون اسان مان جنهن کي زنده رکين تہ ان کي اسلام تي زنده رک |
| وَمَنْ تَوَفَّيْتَهٗ مِنَّا فَتَوَفَّهٗ عَلَى الْاِيْمَانِ ط |
| ۽ اسان مان جنهن کي موت ڏين تہ ان کي ايمان تي موت ڏي. |

(المستدرڪ للحاڪم ج 1 ص 684 حديث 1366)

## نابالغ ڇوڪري جي دعا

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ لَنَا فَرَطًا وَّاجْعَلْهُ لَنَا اَجْرًا |
| الاهي عَزَّوَجَلَّ هن (ڇوڪري) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ اَجر (جو سبب) |

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

| |
|---|
| وَّ ذُخْرًا وَّ اجْعَلْهُ لَنَا شَافِعًا وَّ مُشَفَّعًا ؕ |
| ۽ وقت تي ڪم اچڻ وارو بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ سِفارش ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ اهو جنهن جي سِفارش قبول ٿئي. |

## نابالغه ڇوڪريءَ جي دعا

| |
|---|
| اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهَا لَنَا فَرَطًا وَّ اجْعَلْهَا لَنَآ اَجْرًا |
| الاهي عَزَّوَجَلَّ هن (ڇوڪريءَ) کي اسان جي لاءِ اڳتي پهچي سامان ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ اجر (جو سبب) |
| وَّ ذُخْرًا وَّ اجْعَلْهَا لَنَا شَافِعَةً وَّ مُشَفَّعَةً ؕ |
| ۽ وقت تي ڪم اچڻ واري بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي لاءِ سفارش ڪرڻ واري بڻاءِ ۽ اها جنهن جي سِفارش قبول ٿئي. |

## جُتين جي مٿان بيهي، جنازي نماز پڙهڻ

جتي پائي جيڪڏهن جنازي نماز پڙهو ته جتين ۽ زمين ٻنهي جو پاڪ هجڻ ضروري آهي جيڪڏهن جتي لاهي ان تي بيهي پڙهو ته جتي جي تَري ۽ زمين ٻنهي جو پاڪ هئڻ ضروري ناهي. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّحمٰن هڪ سوال جي جواب ۾ ارشاد فرمائن ٿا: جيڪڏهن اها جڳهه پيشاب وغيره سان ناپاڪ هجي يا جنهن جي جتين جا تَرا ناپاڪ هجن ۽ انهيءَ حالت ۾ جتي پائي، نماز پڙهي ته انهن جي نماز نه ٿي. احتياط انهيءَ ۾ آهي ته جتيون لاهي، انهن جي مٿان نماز پڙهي وڃي ته جيئن زمين يا ترا جيڪڏهن ناپاڪ هجن ته نماز ۾ خرابي نه اچي. (فتاويٰ رضويه ج 9 ص 188)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

## غائبانہ نمازِ جنازه

مَيِّت جو سامهون هجڻ ضروري آهي، غائبانہ جنازي نماز نہ ٿي سگهندي. مُستَحَب هي آهي تہ امام ميّت جي سيني جي سامهون بيهي. (درمختار ج 3 ص 123، 134)

## چند جنازن جي گڏيل نماز جو طريقو

چند جنازا هڪ ئي سان گڏ بہ پڙهي سگهجن ٿا، ان ۾ اختيار آهي تہ سيني کي اڳتي پوئتي رکو يعني سيني جو سينو امام جي سامهون هجي يا قطار ۾ يعني هڪ جي پيرن جي سِڌ ۾ ٻئي جي سيراندي ۽ ٻئي جي پيرن جي سِڌ ۾ ٽئين جي سيراندي وَعلیٰ ھٰذاالقِياس (يعني انهيءَ تي اندازو لڳايو)
(بهار شريعت ج 1 ص 839، عالمگيري ج 1 ص 165)

## جنازي ۾ ڪيتريون صفون هئڻ گهرجن؟

بهتر هي آهي تہ جنازي ۾ ٽي صفون هئڻ گهرجن. حديثِ پاڪ ۾ آيو آهي تہ: جنهن جي جنازي نماز ٽن صفن پڙهي، ان جي بخشش ٿي ويندي، جيڪڏهن ڪُل ست ماڻهو هجن تہ هڪ امام بڻجي وڃي. پهرين صف ۾ ٽي جڻا بيهن، ٻي ۾ ٻہ ۽ ٽين ۾ هڪ (غنيہ ص 588) جنازي ۾ پوئين صف تمام صفن کان افضل آهي.
(درمختار ج 3 ص 131)

## جنازي جي پوري جماعت نہ ملي تہ؟

مَسبُوق يعني (جنهن جون ڪجهہ تڪبيرون رهجي ويون هجن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

اهو) پنهنجون رهيل تڪبيرون امام جي سلام ڦيرڻ کان پوءِ چوي ۽ جيڪڏهن هي انديشو هجي تہ دعا وغيره پڙهندو تہ پوري ڪرڻ کان اڳ ماڻهو جنازو کڻي ويندا تہ صرف تڪبيرون چوي، دعا وغيره ڇڏي ڏئي، چوٿين تڪبير کان پوءِ جيڪو شخص آيو، اهو (جيستائين امام سلام ناهي ڦيريو) شامل ٿي وڃي ۽ امام جي سلام کانپوءِ ٿي ڀيرا اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئي، پوءِ سلام ڦيري. (درمختار ج 3 ص 136)

## چريي يا خود ڪشي ڪرڻ واري جو جنازو

جيڪو پيدائشي چريو هجي يا بالغ ٿيڻ کان اڳ چريو ٿي ويو هجي ۽ انهيءَ چريائپ ۾ ان کي موت اچي وڃي تہ ان جي جنازي نماز ۾ نابالغ جي دعا پڙهي ويندي. (الجوهرة ص 138، غنية ص 587) جنهن خودڪشي ڪئي، ان جي جنازي نماز پڙهي ويندي. (درمختار ج 3 ص 127)

## مُئَل ٻار جا اَحڪام

مسلمان جو ٻار زنده ڄائو يعني اڪثر حصي ٻاهر نڪرڻ وقت زنده هو پوءِ مري ويو تہ ان کي غسل ۽ ڪفن ڏئي، ان جي نماز پڙهي ويندي، ٻي صورت ۾ ان کي ائين ئي وهنجاري هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهي دفن ڪيو ويندو، ان جي لاءِ سنّت جي مطابق غسل ۽ ڪفن ناهي ۽ ان جي نماز بہ نہ پڙهي ويندي. مٿي جي طرف کان اڪثر جو مِقدار مٿي کان وٺي سيني تائين آهي، ان لاءِ جيڪڏهن ان جو مٿو ٻاهر نڪتو ۽ رڙ ڪئي هئائين پر سيني تائين نڪرڻ کان پهريان ئي فوت ٿي ويو تہ ان جي نماز نہ پڙهي ويندي. پيرن جي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

طرف ڪان اڪثر جو مقدار چيلهہ تائين آهي، ٻار زنده يا مُئل ڄائو يا ڪچو ڪري پيو هجي تہ ان جو نالو رکيو وڃي ۽ قِيامت جي ڏينهن اهو اٿاريو ويندو. (الدرالمختار، ردالمحتار ج 3 ص 152، 154، بهار شريعت ج 1 ص 841)

## جنازي کي ڪُلهي ڏيڻ جو ثواب

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جيڪو جنازي کي چاليهہ قدم کڻي هلي، ان جا چاليهہ ڪبيره گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو جنازي جي چئني پاون کي ڪلهو ڏيندو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي حتمي (مستقل) بخشش فرمائي ڇڏيندو.

(الجوهرة النيرة ص 139، بهار شريعت ج 1 ص 823، درمختار ج 3 ص 159، 158)

## جنازي کي ڪلهي ڏيڻ جو طريقو

جنازي کي ڪلهو ڏيڻ عبادت آهي. سنّت هي آهي تہ هڪ ٻئي پٺيان چئني پاون کي ڪلهو ڏئي ۽ هر ڀيري ڏهہ ڏهہ قدم هلي. پوري سنّت هي آهي تہ پهريان ساڄي پاسي جي سيراندي کي ڪلهو ڏي پوءِ ساڄي پيراندي کي، بعد ۾ کاٻي سيراندي کي ۽ پوءِ کاٻي پيراندي کي ۽ ڏهہ ڏهہ قدم هلي تہ ڪل چاليهہ قدم ٿيا. (بهار شريعت ج 1 ص 822، عالمگيري ج 1 ص 162) ڪي ماڻهو جنازي جي جلوس ۾ هن نموني اعلان ڪندا رهندا آهن: ٻہ ٻہ قدم هلو، انهن کي گهرجي تہ هن طرح اعلان ڪن: ڏهہ ڏهہ قدم هلو.

## ٻار جي جنازي کڻڻ جو طريقو

ننڍي ٻار جي جنازي کي جيڪڏهن هڪ شخص هٿن تي

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نه پڙهي. (حاڪم)

ڪٽي هلي ته حَرج ناهي ۽ هڪ ٻئي پنيان ماڻهو هٽو هٽ وٺندا رهن. (عالمگيري ج 1 ص 162) عورتن کي (ٻار هجي يا وڏو ڪنهن جي به) جنازي سان گڏ وڃڻ ناجائز ۽ مَنع آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 823، درمختار ج 3 ص 162)

## جنازي نماز کان بعد واپسيءَ جا مسئلا

جيڪو شخص جنازي سان گڏ هليو هجي، ان کي بنا نماز پڙهڻ جي واپس نه ٿيڻ گهرجي ۽ نماز کان پوءِ مَيِّت جي وارثن کان اجازت وٺي، واپس ٿي سگهي ٿو ۽ دفن کان پوءِ اجازت جي ضرورت ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 165)

## ڇا مڙس گهرواريءَ جي جنازي کي ڪلهو ڏئي سگهي ٿو؟

مڙس پنهنجي گهرواري جي جنازي کي ڪلهو به ڏئي سگهي ٿو، قبر ۾ به لاهي سگهي ٿو ۽ منهن به ڏسي سگهي ٿو، صرف غسل ڏيڻ ۽ بنا رُڪاوٽ جي جسم ڇهڻ جي منع آهي. عورت پنهنجي مڙس کي غسل ڏئي سگهي ٿي. (بهار شريعت ج 1 ص 812، 813)

## مُرتَد جي جنازي نماز جو شرعي حڪم

مُرتَد يا ڪافِر جي جنازي نماز جو حڪم ساڳيو آهي. مذهب تبديل ڪري عيسائي (ڪرسچن) ٿيڻ واري جي جنازي پڙهڻ واري جي باري ۾ پڇيا ڪيل هڪ سوال جو جواب ڏيندي، سيدي اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مجدّد دين و ملّت حضرت علّامه مولانا امام

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويندو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويندو. (طبراني)

احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاويٰ رضويہ ج 9 صفحي 170 تي ارشاد فرمائن ٿا: "جيڪڏهن شرعي ثبوت ذريعي ثابت هجي تہ مرڻ وارو عِيَاذًابِالله (الله عَزَّوَجَلَّ جي پناهہ) مذهب تبديل ڪري، عيسائي (ڪرسچن) ٿي ويو آهي تہ بيشڪ ان جي جنازي نماز ۾ مسلمان جيان ڪفن، دفن سڀ حرامِ قطعي آهي. قال الله تعاليٰ (الله تعاليٰ فرمائي ٿو)

وَلَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّ لَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ ﴿پ١٠، التوبة:٨٤﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ انهن مان ڪنهن جي ميت تي ڪڏهن نماز نہ پڙهجانءِ ۽ نہ ان جي قبر تي بيهجانءِ.

پر نماز پڙهڻ وارن کي جيڪڏهن ان جي نصرانيّت (يعني عيسائي هجڻ) جي خبر نہ هئي ۽ پهرين ڄاڻ مطابق ان کي مسلمان سمجهندا هئا، نہ ڪفن، دفن ۽ نماز جنازه تائين ان شخص جو عيسائي هجڻ ثابت ٿيو تہ اهي انهن معاملن ۾ اجان بہ معذور ۽ بي قصور آهن ڇوتہ جڏهن انهن جي معلومات مطابق اهو مسلمان هو ۽ ان تي اهي افعال شريعت جي طرفان بہ لازم هئا، باقي! جيڪڏهن ان جي عيسائي هجڻ بابت باخبر هئا تنهن هوندي بہ نماز جنازه ۽ ڪفن دفن ۾ شامل رهيا تہ يقينًا سخت گنهگار ۽ ڪبيري گناهہ جا مرتڪب ٿيا، جيستائين توبهہ نہ ڪن تہ انهن جي پويان نماز مڪروهہ آهي، پر مرتدن وارو معاملو اختيار نہ ڪجي ڇوتہ اهي انهيءَ گناهہ سبب ڪافر نہ ٿيندا. اسان جي شريعت صراط مستقيم آهي، ڪنهن معاملي ۾ افراط و تفريط (يعني حد کان وڌڻ يا گهٽڻ)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

کي پسند ناهي ڪندي، البت جيڪڏهن ثابت ٿي وڃي ته انهن کي عيسائي ڄاڻندي رڳو حماقت، جهالت يا ڪنهن دنياوي غرض جي نيّت سبب نه بلڪ ان کي نصرانيّت سبب تعظيم جو مستحق، ڪفن دفن ۽ جنازي نماز جي لائق تصوّر ڪيو ته بيشڪ جنهن جنهن جو اهو خيال هوندو، اهي سڀ ڪافر ۽ مرتد آهن ۽ انهن سان اهڙو برتاؤ ڪرڻ واجب آهي جيڪو مرتدن سان ڪيو ويندو آهي. (فتاويٰ رضويه) الله تبارڪ و تعاليٰ 10هين سيپاري سورة التوبه جي آيت نمبر 84 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا تُصَلِّ عَلٰۤى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّ لَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَ هُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿پ۱۰، التوبة:۸۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ انهن مان ڪنهن جي ميت تي ڪڏهن نماز نه پڙهجانءِ ۽ نه ان جي قبر تي بيهجانءِ بيشڪ الله ۽ رسول جا مُنڪر ٿيا ۽ فسق (ڪفر) تي ئي ۾ مري ويا.

صدرالافاضل حضرت علّامه مولانا سَيِّد محمد نعيم الدّين مراد آبادي عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْہَادِی هن آيت جي تحت فرمائن ٿا: هن آيت مان ثابت ٿيو ته ڪافر جي جنازي نماز ڪنهن حال ۾ به جائز ناهي ۽ ڪافر جي قبر تي دفن ۽ زيارت جي لاءِ بيهڻ به مَنع آهي.

(خزائن العرفان ص 376)

حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي، سردار مڪهءِ مڪرمه، سرڪارِ مدينه منوره صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪڏهن اهي بيمار ٿين ته پڇڻ نه وڃو، مري وڃن ته جنازي ۾ نه وڃو. (ابن ماجه ج 1، ص 70، حديث 92)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

# مديني جي پنج اکرن جي نسبت سان جنازي جي باري ۾ پنج مدني گل

## ”فلاڻ منهنجي نماز پڙهائي“ اهڙي وصيّت جو حڪم

﴿1﴾ ميّت وصيّت ڪئي هئي ته منهنجي نماز فلاڻو پڙهائي يا مون کي فلاڻو شخص غسل ڏئي ته اها وصيّت باطل آهي يعني ان وصيّت سان مرڻ واري جي وارث يعني سرپرست جو حق ساقط نه ٿيندو، باقي! ولي کي اختيار آهي ته پاڻ نه پڙهائي، ان کان پڙهائي ڇڏي. (بهار شريعت ج 1 ص 837، عالمگيري ج 1 ص 163) جيڪڏهن ڪنهن متقي بزرگ يا عالم جي باري ۾ وصيّت ڪئي ته وارثن کي گهرجي، ان تي عمل ڪن.

## امام ميت جي سيني جي سامهون سڌ ۾ بيهي

﴿2﴾ مستحب هي آهي ته ميّت جي سيني جي سڌ ۾ امام بيهي ۽ ميت کان پري نه بيهي. ميت چاهي مرد هجي يا عورت، بالغ هجي يا نابالغ، اهو ان وقت آهي جو هڪ ئي ميّت جي نماز پڙهائڻي هجي ۽ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ هجن ته هڪ جي سيني جي سامهون ۽ ويجهو بيهي. (درمختار و ردالمحتار ج 3 ص 134)

## جنازي نماز پڙهڻ کان بغير دفنايو ته؟

﴿3﴾ ميّت کي بغير نماز پڙهڻ جي دفن ڪري ڇڏيو ۽ مٽي به ورائي ڇڏي ته هاڻي ان جي قبر تي نماز پڙهو جيستائين ان جي ڦاٽڻ جو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

گمان نہ هجي ۽ جيڪڏهن مٽي نہ ڏني وئي هجي تہ ڪڏي نماز پڙهي پوءِ دفنايو. ۽ قبر تي نماز پڙهڻ ۾ ڏينهن جو ڪو تعداد مقرر ناهي تہ ڪيترن ڏينهن تائين پڙهي سگهجي ٿي ڇوتہ اهو موسم، زمين ۽ ميّت جي جسم ۽ مرض جي اختلاف سبب مختلف آهي، گرمي ۾ ميّت جو جسم جلدي ڦاٽي پوندو ۽ سياري ۾ دير سان، پاٽياني يا ڪلراٺي زمين ۾ جلد ۽ خشڪ ۽ غير ڪلراٺي زمين ۾ دير سان، موٽو جسم جلد ۽ ڏُبرو جسم دير سان ڦاٽندو آهي.

(درمختار و ردالمحتار ج 3، 146)

## گهر ۾ ڊبجي ويل جي جنازي نماز پڙهڻ

﴿4﴾ کوھ ۾ ڪري مري ويو يا ان جي مٿان گهر ڪِري پيو ۽ مردو ڪڍي نہ سگهجي تہ ان جي نماز انهيءَ جڳهہ پڙهو. ۽ دريا ۾ ٻڏي ويو ۽ نہ ڪڍي سگهجي تہ ان جي نماز نٿي پڙهي سگهي ڇوتہ ميت جو نماز پڙهڻ واري جي اڳيان هجڻ معلوم ناهي.

(ردالمحتار ج 3 ص 147)

## جنازي نماز ۾ تعداد وڌائڻ جي لاءِ تاخير ڪرڻ

﴿5﴾ جمعي جي ڏينهن ڪنهن جو انتقال ٿي ويو، پوءِ جيڪڏهن جمعي کان پهريان ان جي تجهيز و تڪفين ٿي سگهي ٿي تہ پهريان ئي ڪريو، ان خيال سان دير ڪرڻ تہ جمعي کان پوءِ جنازي نماز ۾ ماڻهو گهڻا شامل ٿيندا تہ ائين ڪرڻ مڪروه آهي.

(بهار شريعت ج 1 ص 840، ردالمحتار ج 3 ص 173)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# بالغ جي جنازي نماز کان پهريان هي اعلان ڪريو

مرحوم جا مٽ مائٽ، دوست احباب توجه فرمائن! مرحوم جيڪڏهن زندگي ۾ ڪنهن جي دل آزاري يا حق تلفي ڪئي هجي يا اوهان مان ڪنهن جو مقروض هجي ته ان کي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ معاف ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مرحوم جو ڀلو ٿيندو ۽ اوهان کي به ثواب ملندو. **جنازي نماز جي نيّت ۽ ان جو طريقو به ٻڌي وٺو:** نيّت ڪريان ٿو مان هن جنازي نماز جي، واسطي **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي، دُعا واسطي هن ميِّت جي، پٺيان هن امام جي. جيڪڏهن اهي الفاظ ياد نه رهن ته ڪو حرج ناهي، اوهان جي دل ۾ اها نيّت هئڻ ضروري آهي ته مان انهيءَ ميّت جي جنازي نماز پڙهي رهيو آهيان. جڏهن امام اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوي ته ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوندي فوراً معمول مطابق ڌُن جي هيٺان هٿ ٻڌي ثنا پڙهو پوءِ ٻئي ڀيري امام اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوي ته اوهان بنا هٿ کڻڻ جي اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئو، پوءِ درودِ ابراهيم پڙهو ۽ وري ٽئين ڀيري امام اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوي ته اوهان بغير هٿ کڻڻ جي اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئو ۽ بالغ جي جنازي جي دعا* پڙهو، جڏهن چوٿين ڀيري امام اَللّٰهُ اَكْبَرُ چوي ته اوهان اَللّٰهُ اَكْبَرُ چئي هٿ کولي ڇڏيو ۽ امام سان گڏ قاعدي جي مطابق سلام ڦيري ڇڏيو.

* جيڪڏهن نابالغ يا نابالغه جو جنازو هجي ته ان جي دعا پڙهڻ جو اعلان ڪريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

# ماخذ و مراجع

| ڪتاب جو نالو | مطبوعه | ڪتاب جو نالو | مطبوعه |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مكتبةالمدينه باب المدينه ڪراچي | شرح الصدور | مرڪز اهلسنت برڪات رضا الهند |
| خزائن العرفان | مكتبةالمدينه باب المدينه ڪراچي | احياء علوم الدين | دار الصادر بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | جوهره | باب المدينه ڪراچي |
| سنن ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | غنيه | سهيل اڪيڊمي مرڪز الاولياء لاهور |
| مصنف عبدالرزاق | دار الكتب العلمية بيروت | فتاويٰ تاتار خانيه | باب المدينه ڪراچي |
| شعب الايمان | دار الكتب العلمية بيروت | فتاويٰ عالمگيري | دار الفكر بيروت |
| تاريخ دمشق | دار الفكر بيروت | درمختار و ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| مستدرڪ | دار المعرفة بيروت | ڪنز الدقائق | باب المدينه ڪراچي |
| الترغيب والترهِيب | دار الكتب العلمية بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونڊيشن مرڪز الاولياء لاهور |
| الفردوس بماثور الخطاب | دار الكتب العلمية بيروت | بهارِ شريعت | مكتبةالمدينه باب المدينه ڪراچي |

# فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| دُرود شريف جي فضيلت | 1 | غائبانہ نماز جنازه | 11 |
| ولي جي جنازي ۾ شرڪت جي برڪت | 1 | چند جنازن جي گڏيل نماز جو طريقو | 11 |
| عَقِيدتمندن جي بہ مَغفِرت | 2 | جنازي ۾ ڪيتريون صفون هئڻ گهرجن | 11 |
| ڪفن چور | 3 | جنازي جي پوري جماعت نہ ملي تہ؟ | 11 |
| جنازي ۾ شريڪ ٿيندڙ ن جي بخشش | 4 | چريي يا خود ڪشي ڪرڻ واري جو جنازو | 12 |
| قبر ۾ پهريون تُحفو | 4 | مُثَل ٻارجا اَحڪام | 12 |
| جنتي جو جنازو | 5 | جنازي کي ڪُلهي ڏيڻ جو ثواب | 13 |
| جنازي سان گڏ هلڻ | 5 | جنازي کي ڪلهي ڏيڻ جو طريقو | 13 |
| اَحُد جبل جيترو ثواب | 5 | ٻارجي جنازي کڻڻ جو طريقو | 13 |
| جنازي جي نماز عِبرت جو سبب آهي | 6 | جنازي نماز ڪانپوءِ واپسيءَ جا مسئلا | 14 |
| مَيّت کي غسل ڏيڻ وغيره جي فضيلت | 6 | ڇا مڙس گهرواري جي جنازي کي ڪلهو ڏئي سگهي ٿو؟ | 14 |
| جنازو ڏسي پڙهڻ وارو ورد | 6 | مُرتَد جي جنازي نماز جو شرعي حڪم | 14 |
| آقا عليہ السلام سڀ کان پهريون جنازو ڪنهن جو پڙهيو؟ | 7 | جنازي جي باري ۾ پنج مدني گل | 17 |
| جنازي جي نماز فرضِ ڪِفايہ آهي | 7 | فلان منهنجي نماز پڙهائي، اهڙي وصيت جو حڪم | 17 |
| جنازي نماز ۾ ٻہ رڪن ۽ ٽي سنتون آهن | 8 | امام ميت جي سيني جي سامهون سڌو بيهي | 17 |
| جنازي نماز جو طريقو (حنفي) | 8 | جنازي نماز پڙهڻ کان بغير دفنايو تہ؟ | 17 |
| بالغ مرد ۽ عورت جي جنازي جي دعا | 9 | گهر ۾ ٻيجي ويل جي جنازي نماز پڙهڻ | 18 |
| نابالغ ڇوڪري جي دعا | 9 | جنازي نماز ۾ تعداد وڌائڻ جي لاءِ تاخير ڪرڻ | 18 |
| نابالغہ ڇوڪريءَ جي دعا | 10 | بالغ جي جنازي نماز کان پهريان اهو اعلان ڪريو | 19 |
| جتين تي بيهي جنازي نماز پڙهڻ | 10 | ماخذ و مراجع | 20 |

